# قاضي فيض محمد

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ٻاويهه سؤ ٻاويهه ع

قاضي فيض محمد

سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت،
٨/٣ منظور چيمبرس، گاڏي کاتو،
حيدرآباد سنڌ

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ

ڇاپو ٻهريون ١٩٧٩ع

تعداد ١٠٠٠

قيمت: ويهہ روپيا

## خاص ڌيان طلب

صفحي ٢٨٦ تي باب اوڻيهين جون آخري چار سٽون— ”انهيءَ فڪر ۾... .... ڪري پوي ٿو“ —صفحي ٢٦٨ تي باب سترهين جي آخري سٽن طور پڙهڻ ڪجن. تڪليف لاءِ معافي.

— ناشر

هي ڪتاب پناهہ جگر سنڌيءَ مئنيجر سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتي، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ محمد ابراهيم جويي، صدر، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، ٨ - ٿہ ماڙ، منظور چيمبرس، گاڏي کاتي، حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو.

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻخشي آهي. هيءُ ڀاڱو جيڪڏهن وقت ۽ محنت نہ ڏئي ها، تہ شايد هي قصو مون وٽ پنن تي ئي رهجي وڃي ها. ڏٺيءَ وٽ دعا آهي تہ شال هن مان اوهان کي ڪا چڱي ڳالهہ ٻڌڻ پوي! آمين!

- فيض محمد
نوابشاهہ، سنڌ

٢٠-١٢-١٩٧٨ع

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀاويهه سؤ ڀاويهه ع

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خوش ۽ سلامت هجو!" فقير سائينءَ فرمايو.

روهي سموري حقيقت پيش ڪئي. فقير صاحب جن ڏاڍي ويچار ۾ پئجي ويڃن ٿا. هميشه جي دستور موجب اخبارون اڳ ئي پڙهايون ويون آهن. ريڊئي تان خبرون به پوريون ٿي ويون آهن. تبصرو اجا ڪونه ٿيو آهي. صرف شاهه صاحب جون ڪافيون، ڪنور ڀڳت جي رڪارڊن تان ٻڌيون پيون وڃن: عاشق علي خان جي زباني رڪارڊ تان شاهه جي ڪافي - "جادو لائي ويا جيءَ ۾..." وڄي رهي آهي. فقير سائين ڪنهن اونهي سمنڊ ۾ گم آهي. فقير سائين وقت جو فيلسوف به آهي. روهو ۽ سومر پيئي فلاسفيءَ ۾ شاگرد آهن. فقير صاحب جي نظر تمام وسيع آهي. روحاني رهاڻ به فقير صاحب وٽ ٿئي ٿي. غلام علي خان جي سنڌيءَ ۾ ڳايل ڪافي "دم دم ياد پون، مارن سنديون ڳالهڙيون..." وڄائي وڃي ٿي.

"خير سائين! گلاب جي الله ڀلي ڪندو. ڪجهه ته روشنائي به وجهو. اوندهه وِسايو!" روهي چيو:

روهو نهايت حسين ڇوڪرو آهي ۽ اخلاق ۽ عمل ۾ به سندس ڪو ثاني مشڪل ليکي سگهبو. فقير آسمان ڏانهن نهاري، ٿڌو ساهه کڻي، "سبحان الله" چئي، ڪچهريءَ کي مخاطب ٿين ٿا -

"هائو، ڪلهه ڪهڙي ڳالهه ٿي ڪئي سين؟ انسان سرّ الاهي آهي. ابا! روها، ائين نا!

"انسان! ها انسان! هيءُ سڀ کان وڏو معجزو، قدرت جو وڏو ڪرشمو. هن کي سمجهڻ، ڄڻ خدا کي سمجهڻ، قدرت کي سمجهڻ. هن کي ڪير سمجهي؟ هو پاڻ کي سمجهي، ته سچو نور ٿئي. نور ٿئي، ته پوءِ هن جي لاءِ موت حياتيءَ جي معنيٰ ئي ڪانهي.

"انسان سڄيءَ قدرت جو نچوڙ آهي. قدرت ڪيترين منزلن کان پوءِ انسان پيدا ڪيو. اهوجهه انسان عقل، علم ۽ عشق جو گهر آهي. هيءَ هڪ ٻتي آهي، جا دنيا کي روشن ڪري ٿي ۽ قدرت جي اونهي اک آهي.

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو ”شعور“ ذرڙن ۽ آسمانن تي آهي، تيسين خيال جو سمنڊ وڌندو رهندو. بس هي ڄاڻ ۽ خيال لافاني آهن. هڪ ساز ڀرائو ٿيو ڀڄي پوي، مگر جيڪي ڪجهه مٽس وڳو ۽ ويچاريو ويو، اهو وڃيو سمنڊ ۾ گڏجي - سمنڊ خيال وارو وڃي مالامال ٿيندو. يعني، ”انسانيت“، انساني سڀ صفتون، وڃن اونهيون ٿينديون. انسانيت لافاني آهي. ائين جي سوچجي ٿو، ته پوءِ مرڻ ۽ جيئڻ ۾ فرق ڪونه آهي.

”وطن! هاءِ وطن! وطن به هڪ جاندار شيءِ آهي!! هزارها سالن کان پوءِ وطن پنهنجون خصوصيتون پيدا ڪري ٿو. وطن کي پنهنجي زبان ٿئي ٿي، وطن کي پنهنجي تهذيب، پنهنجو تمدن، پنهنجي پوشاڪ، پنهنجون رسمون، پنهنجا رواج، مطلب ته هڪ جاندار جان ٿيو پوي. وطن ۾ رهندڙ وطن جون رڳون آهن. وطن جي ڪنهن به رڳ تي يا سندس ٻانهن تي يا ڳچيءَ تي، جڏهن ڪا ضرب اچي، ته هن جان ۾ خون جو وهڪرو ٿئي، ۽ سڄو بدن عذاب سان دکي ٿو ۽ سجاڳ ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح وطن هميشه زنده جان آهي.

”ڪنهن کي وطن کان ڌار ڪرڻ، ائين آهي، جيئن هڪ هٿ کي بدن کان ڪپي ڌار ڪرڻ؛ جيڪو عذاب بدن يا هٿ محسوس ڪري ٿو، انهيءَ کان هزارها ڀيرا وڌيڪ عذاب وطن کي يا وطن جي فرد کي محسوس ٿئي ٿو! هيءُ وڏيرو علڻ، انهيءَ ڳالهه کي نٿو سمجهي. هو پنهنجي نفس کي موٽو ڪرڻ گهري ٿو. هو پاڻ کي طاقتور ڪرڻ لاءِ ظلم ڪري ٿو. هن کي اها خبر نه ٿي پوي ته هيءَ ڳالهه جا تمام ٿوري ٿو سمجهي، سا ٿوري نه آهي، مگر هيءَ ڏري مصيبت آهي. هڪ دفعي وطن ۾ هيئن جدائي جيڪڏهن جاري ٿي ۽ جاري رهي، ته هيءَ جدائي هن مٺي وطن سنڌ کي ختم ڪري ڇڏيندي. پوءِ هتان جا سڀ فقير، درويش، سنت، ساڌو، شاعر، مفڪر، فنڪار، پهلوان جوڌا جوان، جن هزارها سالن کان وٺي هن وطن کي ناهيو ۽ نڀايو، هيءُ سمنڊ، هي جبل، هيءُ درياهه، هي وڻ، هي آب و هوا - مطلب ته هي سڀڪجهه، جو اڳ هو يا اڄ آهي، سو سڀ اهڙن

ٻيوقوف ماڻهن، چاهي هو هندو هجن يا مسلمان، جي ڪوتاهه نظريءَ ڪري ختم ٿي ويندو. وطن هڪ محلات آهي، هڪ گلستان آهي، هڪ آرامگاهه، هڪ مڪتب آهي، جو بيشمار قربانين ۽ بي بها نعمتن جو ذخيرو آهي، خزانو آهي، امانت آهي، نعمت آهي. جيڪڏهن اهو ناس ٿيو ۽ آن جون رڳون، ڏڙ، مسي جدا ڪيو ويو، ته پوءِ وطن، منهنجي سنڌ ختم ٿي ويندي. پوءِ هتان جا رهاڪو - آهي هيٺي هجن يا هيٺي هجن، يهودين وانگر پوءِ ڀٽڪندا نظر ايندا. انهيءَ ڪري وطن کي ماترڀومي يا ماءُ چيو وڃي ٿو. يعني، ماءُ پنهنجي ٻچن کي سنڀالي، ڪوڏ ۽ قول ڪري هڪ هنڌ ويهاري، سندن پرداخت ڪري، کين نپائي وڏو ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح وطن به ماءُ آهي، جو سڀڪجهه پنهنجي سيني مان پيدا ڪري، منجهس رهندڙ جيڪي سندس ٻچا آهن، تن جي پرداخت ڪري ٿي.

”وطن به ڪهڙو! سنڌ جهڙو، منهنجيءَ سنڌ جهڙو! جنهن جو سمنڊ ته ڏسو، جنهن جو ڪراچي بندر ته ڏسو، جنهن جي سنڌوندي ته ڏسو، جنهن جا ساوا ميدان، جنهن جي ڪڻڪ ته ڏسو، جنهن جا چانور ته ڏسو، جنهن جون ٽڪريون، جبل، ڍنڍون ڍورا ته ڏسو، جنهن جا نظارا، جنهن جو آسمان، چنڊ، تارا ۽ شام جو غروب ٿيڻ وارو يا صبح جو اڀرڻ وارو سج ته ڏسو، جنهن جون مسجدون، مندر مڙهيون مڪان ته ڏسو، جتان جا فقير سامي ته ڏسو، لطيف ۽ سچل ته ڏسو، سامي ۽ بيدل ته ڏسو، جنهن جا دولهه، بلال، عنايت، بلال، هوشو ۽ هيمون ته ڏسو، جنهن جا قاضي ۽ عامل ته ڏسو، جتي جا ڪرپلاڻي ۽ ٿانواڻي ته ڏسو. هن وطن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. سچ، هن ڌرتيءَ تي اهڙو سهڻو من سوهڻو ۽ مٺو ملڪ ڪو ورلي ملي سگهندو. هيءُ ڪوتاهه نظر وڏيرو عام هن ڳالهه کي محسوس نٿو ڪري. توهان سڀني کي خيال رکڻ گهرجي ته سنڌ وطن سدائين سلامت رهي. عام جهڙن بيوقوف ۽ ڪوتاهه نظر ظالمن کان کيس محفوظ رکڻ گهرجي.

”هيءُ وطن! اهڙو پيارو وطن آهي، جهڙو پاڪ ۽ سهڻو روح!

سنڌ وارين وينگسن جا چوڏا ڀاھر لُڏي رهيا آهن - جهڙا واسينگ نانگ. ڪي پوريون، ڪي سانوريون سلوڻيون، ڪي ڪٽڪ رنگيون، ڪن جون اکيون گول، ڪن جون چيرائتيون. سنڌن لاتيون، سنڌن ڪيلڻ ڪنن تي پوي ٿو. هي سڀ روپ ۽ سومر جي پرسان لنگهن ٿيون. روڻو سومر ڪي چوي ٿو -

”واهه جا چورين جي لوڏ آهي!“

هوڏانهن سومر، جو حيدرآباد ۾ اڳ ڪونه آيو هو، سو هيءَ سونهن، جا ٻاهه وانگر پردي تي پڙڪي رهي هئي، ڏسي، ڏهڪارجي ويجي ٿو. سومر هڪ نهايت سُريلي گلي وارو جوان آهي. مڪانن ۽ ماڙهين ۾ جڏهن ڳائيندو آهي، تڏهن ڳرناٽن جا وَرَ اچي سنڌس راڳ ٻڌن. هيترو هيءُ حسن ڏسي، هو اج اداس اداس گهمي رهيو آهي. نعمت جي نمائي صورت سنڌس اکين اڳيان گهمي رهي آهي. گهمندي گهمندي، حيدرآباد جي هيرآباد ڪان ڪجهه اورتي ڳائڻ جو آواز، طبلي جي ڏوم ڏام، سارنگيءَ جو سوز وارو آواز ۽ چيرن جي ڇمڪار سنڌن ڪن تي پوي ٿي. شهر ۾ گهمندي، اج شام ٿي ويئي آهي؛ شهر ۾ بلبن جي جهرمر لڳي پيئي آهي. ناچ ۽ راڳ جو آواز صرف هڪڙيءَ جاءِ مان ڪونه ٿو اچي - هيءَ ته سڄي گهٽي، ۽ سموريون ماڙيون آلاپن سان پرپور آهن. سومر هڪ ته خود به ڳائڻو آهي، پيو عشق جو واسو متس پيل آهي، سو راڳ جي آلاپن ڪيس ڪشش ڪرڻ شروع ڪئي آهي. ماڻهن ڪان پڇڻ تي پتو پوين ٿو ته هي سدا سهاڳڻيون ڳائڻ واريون آهن. جوان هڪ ماڙيءَ تي چڙهي پيا آهن. اندر، جو ڪئي واجهائين، ته ٻه ٽي جوان، هڪ ٻه پوڙهو هڪ غاليچي تي ويٺا آهن ۽ سنڌن اڳيان هڪ خوبصورت نينگري، لاچار سورهن سترهن سالن جي، ڪنجرو پائي، نچي رهي آهي. سارنگيو، ڏوڪڙي، جن جي پٽڪن جا روغن ڏنل تُرا ڪَلف سان ۽ اجرڪ جي زراڪن سان جرڪي رهيا هئا، ۽ جڏهن ڏن ۽ تار پيئي ٿئي، ته ائين پيو معلوم ٿئي جڻ تُرا به نيگر جي گهنگهرن جي ڇمڪار تي نچي رهيا آهن. پرسان گلاب جي گلن

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي. ايمن کي نرملا ايڏي ته جان بخشي آهي، جو ڪاياڻ جي اندر سهڻي نرملا گم ٿي ويجي ٿي، ۽ ايمن ڪلياڻ جي نماڻي صورت نکري نروار ٿئي ٿي. سارنگيا به نهايت وڏا ڪاريگر آهن، ۽ وري طبلچي به اهڙو آهي، جنهن جي هٿن جي هلڻ جي کهڙي ڳالهه ڪجي - ڇڻ ڦُلا پيا ٽڙڪن! ايمن کان پوءِ وري درٻاريءَ جو آلاپ شروع ٿئي ٿو، تنهن کان پوءِ نرملا پهاڙيءَ ۾ ٺومري ڳائي ٿي - ايڏي مٺي زبان، مٺي صورت، مٺو بيان - هي اهڙو ميلاپ آهي، ۽ ان سان گڏ نرملا جي چهري جي چمڪارَ، هيءُ سڀ هڪ نرالو انداز آهي. سڀ جهان جون هن پرديءَ تي اکيون آهن.

## باب پنجون

### ڪنجي

اڏر هل ڙي ڪونج، اسين ايندا سين ...

اوچتو هڪ وڏو ٺڏڪار ٿئي ٿو. ناٽڪ جا پردا ٺا ٺا ڪري رهيا آهن. ناٽڪ واري ڳالهه مٽائي، سارنگيءَ تي گنڀير ڪلاسيڪل راڳ وري شروع ٿئي ٿو - ساڳيو ايمن ڪلياڻ.

ٿيٽر ۾ وڏي هڪ ڏور- ڏسٽي پيل آهي، جنهن جو لاڳاپو سڀني دنيائن جي وڏن شهرن سان آهي. ڪنجي ڦيرن ٿا ۽ هر ڪنهن ولايت، چندرتا، مارستا، ۽ ٻين ولايتن جا نظارا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

وينستا جو هوائي جهاز ڪراچي بندر تان روانو ٿيڻو آهي. جهاز ته سڀني شهرن جا عاليشان آهن، ۽ سيڪنهن جي نياري شڪل آهي، پر وينستا جو جهاز پنهنجو مٽ پاڻ آهي - سڄو گول ڦرڻي وانگر آهي، موڪرائي هڪ سؤ ڪن فوٽ ڏينديس ۽ اوچائي به سؤ ڪن فوٽ. انڪل ڏهه منزلون اٿس. هر هڪ منزل کي لياري جوڙجڪ آهي.

جهڙا هزار رهزن هن جي هٿ ۾ آهن، جن کي ڪولي ڇڏيو اٿس،
جي پنهنجي عيش جي خاطر ڇا ڇا نه ٿا ڪري گذرن! هي نڌڻڪا ٻچڙا
نعمت ۽ پيا هٿ وڃنا آهن. هن ظالمن هر هڪ گهر دوزخ بڻائي ڇڏيو
آهي. ڇا ڪجي، ٻچا! مان ته ڏاڍو پريشان ٿو رهان. رب جي ياد،
تنهن کان به دور ٿي ويو آهيان. آخر هيءُ انسان سڀ سنڌس مخلوق
آهي. هن کي جلندو ڏسي، دل واري انسان جو خوش ٿي سمهڻ
امڪان کان ٻاهر آهي. چڱو ٿيندو ته حيدرآباد ۾ سڀني خدا پرستن،
وطن پرستن، انساني خدمتگارن جي ڪا ڪچهري سڏاءِ! پوءِ مان ۽
ڪجهه پيا دوست گڏ ٿينداسين، ڪجهه سوچي پوءِ قدم کڻجي. مان ته
انڌيرو ٿو ڏسان. خير، منهنجي رب جي رحمت مان آسرو نه لاهجي،
مگر سچ ته اهو آهي ته هيءُ معاشرو اسان ئي ٺاهيو آهي ۽ اسان کي ئي
ڊاهڻو آهي. ڌڻيءَ جي رحمت به تڏهن حاصل ٿئي ٿي، جڏهن اسين به
رحم ڪرڻ سکون ۽ حق جي واسطي ڪوشش ڪريون. چڱو، ابا! مان
بيمار ٿي پيو آهيان. ايترو ويهي نٿو سگهان!" فقير وراڻيو.

فقير اندر ڇني ۾ گهڙي، کٽ تي ليٽي پوي ٿو: زماني جا
پردا، ظلم جون وارداتون، ماڻهن جو جهل سندس اکين اڳيان ڦري
رهيا آهن. مظلومن جون آهون، غريبن جون دانهون سندس ڪنن ۾
ڪڙڪات ڪيو پيون وسن. هڪ پيغمبر ڪيئن رب جي راهه ۾ سڀڪجهه
قربان ڪيو، رات ڏينهن انسان جي بهتريءَ لاءِ هُن سوچيو ۽ قربانيون
ڏنيون! ڪهڙو نه سهڻو ڪلام ۽ عمل انسان جي اڳيان هُن پيش
ڪيو! ڪانئس اڳ ۽ پوءِ ڪيڏا صداقت جا عاشق پيدا ٿيا، جن انسان
جي بهتريءَ لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو! اڄ هن سرزمين تي ڇا نه گذري رهيو
آهي! بس اهي ڳالهيون، اهي ڏک فقير کي گهائل ڪيو ڇڏين. هن
پردي تي سندس لڱ ڇڻ، سڏڪا ڀرڻ، ڪيڏو نه دردناڪ نظارو آهي. اها
ڪشمڪش جاري آهي، ته کيل جو وقت پورو ٿي وڃي ٿو. سڀ
اچوڪي مخلوق پراڻي زماني جي داستانن کي پڙهي ۽ ڏسي اداس ٿئي ٿي.
سڀ پنهنجي پنهنجي طريقي سان کيل جي ميدان مان نڪرڻ شروع

روپو پنهنجي ڪوٽ ۾ هٿ وجهي، ٻاهرئين در جي ڪنجي ڪڍي، کولي ٿو. جيڪا گهر ۾ رهندڙن مان هر هڪ کي ساڻ هوندي آهي. شايد نڪرڻ وقت ڪنجي ڪانهن کڻي هنائين يا ڪنجي ڪٿ وساري آيو آهي! هاڻ سچ به لهي ويو آهي. سياري ۾ لنڊن جو سچ ٣ يا ساڍي ٣ وڳي لهيو وڃي ۽ صبح جو ١٠ يا ساڍي ١٠ وڳي اڀري. هاڻي ته شام جا پنج يا ڇهه وڳا آهن. گهر خالي آهي يا اندر ڪي ماڻهو آهن! ويچار ۾ ٻيهي وڃي ٿو. روشنائي ڏينهن واري ته اڃا ٿوري گهٽي آهي. آخر گهنٽيءَ تي هٿ هڻي ٿو. اندر گهر ۾ گهنٽيءَ جو آواز ٿئي ٿو. گهر مان مسز ڪڪ شيشي مان نهاري ڏسي ٿي -

”هلو، روپو!“

ائين چئي، اندران ناب کي هٿ سان ڦيري ٿي. هڪ ننڍڙو تاڪ کلي ٿو. روپو اندر گهڙي ٿو. مسز ڪڪ کي به روپو وٺي ٿو -

”هلو روپو! توکي ناتال جي خوشيءَ ۾ چمي ڏيان؟“

”ضرور! ڊيئر مسز ڪڪ!“

مائي سڳوري به سڪ مان وات وات سان ملائي چتي چمي هڻي ٿي ونيس - ”ٿئنڪ يو ڊيئر!“

روپو ڏاڪڻ تي چڙهي، پنهنجي ڪمري ۾ گهڙي ٿو. ڪمري جي چابي وٽس آهي. اندر گهڙي ڪپڙا مٽائي ٿو. هورڙيان هورڙيان جهونگاري ٿو -

”آءَ ڪانگا ڪر ڳاله مون سان تن مارن جي!...“

بس ائين جهونگاري، ڪنهن ياد ۾ غرق ٿي وڃي ٿو. اکين اڳيان سندس پيءُ دولهني جو خون، سومر جي پيءُ الهڏني جو خون، سندن جنازا سندس اکين اڳيان ڦري رهيا آهن. گلڻ فقير، نعمت، حرمت سڀ اڄ سندس اکين اڳيان اچي بيٺا آهن. مرزا پور ۽ مرزا پور جون گهٽيون، آهي مڙهيون، آهي مسجدون، سندس دل کي سونجهو ڪن ٿيون. مارئي به سندس اکين اڳيان اچي ٿي. پر پيارو وطن، پياري وطن جا ماڻهو، تن کي روپي جهڙو سلڇڻو پٽ وساري نٿو سگهي.

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٽيمس جي ڪناري سان فٽ پاٿ سان لڳولڳ شاهي رستا آهن. موڙن جون لائيٽون ڪي مٿي وڃي رهيون آهن، ڪي هيٺ اچي رهيون آهن؛ پيون صورتون به ظاهر ٿي رهيون. پر جنهن صورت تماشبينن ڪي پاڻ ڏي ڇڪيو آهي، جڻ ته بتين ۾ سورج آهي. قد سروقد، سنهڙي سوملي. هيءَ ساڳي مارلين آهي: چهرو اداس، ڪجهه وڃائجي ويو اٿس؛ ويڳاڻي ٿي، واجهائي رهي آهي. ڪيئن سهڻا ڇوڪر، جوان، سهڻا ۽ سهڻيون، سندس پر مان لنگهن ٿا. هيءَ اداسائي مارلين جي سونهن کي وڌيڪ چمڪائي رهي آهي. سچ ته خوشي سونهن کي سرڪش بڻايو ڇڏي، ۽ غم ۽ اداسي سونهن کي نماڻو بنايو ڇڏي. سرڪش حسن دل کي ڌڙڪائي، پر نماڻو حسن دل جي اندر گهڙي ديرو ڄمايو ڇڏي. ڪو جوان هيڏانهن اچي ٿو، ڪو هوڏانهن. جڻ ته پوندڙ گل جي خوشبوءِ وٺڻ لاءِ لامارا ڏيئي رهيا آهن. پر هيءَ غمن جي ماري مارلين ڪاڏي ڪانه ٿي نهاري. بس ڪنهن جي ياد اٿس، ڪنهن جو انتظار اٿس. ور ور ڏيو نيون صورتون ڏسي ٿي، پر آها صورت، جنهن لاءِ مستان آهي، ڪانه ٿي نظر اچيس. بس حيران ۽ پريشان آهي. ڪڏهن تکو هلي ٿي، ڪڏهن ٽيمس جي ڪناري واريءَ پٽ تي ويهي ٿي. سگريٽ ڪڍي، دکائي، زور سان سوٽو هڻي ٿي. ڪنهن غم کي مٽائڻ لاءِ دونهون ڪڍي، دونهين ڏي نهاري ٿي. انتظار ويهڻ نٿو ڏئيس. 'سڪي جان ستياس، تان سڪ سمهڻ نه ڏئي' وارو منظر آهي. آخر سگريٽ جو اڌ ساڙي، اڌ کي ڦٽو ڪري، اداس نظر سان چارنگ ڪراس ڏسي ٿي. ايترو ته محو آهي، جو رستن لنگهڻ وقت نه هيڏي نهاري ٿي نه هوڏي. اوچتو تکي ڪار دوڙندي اچي ٿي، بس جاڻ مٿانس چڙهي! جاڻ هن سهڻيءَ صورت جو انت آيو! پر ڊرائيور هڪ نوجوان آهي: تنهن کي رحم اچي ٿو ۽ اهڙو ته زور سان بريڪ ٿو هڻي ۽ ايڏو ته آواز ٿئي ٿو، جو اوسي پاسي جي لوڪن جا هيانءَ دهلجي وڃن ٿا. ٿوري پنڌ تي سگنل آهن ۽ ڳاڙهي رنگ جو سگنل لڳي ٿو ۽ سڄي ٽرئفڪ بيهي ٿي وڃي. مارلين کي ڌڪ ته ڪونه لڳو آهي،

”ڊيئر مارلين! تون هت ڪيئن؟ مون تہ سمجھيو هو تہ جيئن هت انگريز ڇوڪرين جو رواج هوندو آهي، ’چار ڏينهن چاهہ چار، پوءِ گهر ڪپر واهہ جا!‘ تون بہ تہ انگريز ڇوڪري آهين!“

”نہ پيارا روپا، ائين نہ آهي!“ هت بہ ڊرا ڪري ٿي ۽ پيٺي هڪبيءَ ڪي ڏسن ٿا.

سڪ تہ روپي ڪي بہ ڏاڍي هئي! ٻاهريون در ڪولي، اندر گهڙن ٿا. روپو جيئن پنهنجي ڪمري جو در ڪولي ٿو، تہ مارلين زوريءَ اڳ ۾ گهڙي پوي ٿي ۽ پنهنجو لکيل خط جهٽ ڏيئي، ڪٽي، ڦاڙي، غسلخاني واري ڪموڊ ۾ اڇلي، فلش سان گم ڪري، کلندي ڊڪندي اچي ٿي.

”ڊيئر مارلين، اهو ڇا هو؟ خط ڪنهن جو هو؟ ڪنهن لکيو هو؟ مون کي ٻڌاءِ، نہ تہ مان رُسي ويهندس!“

”پيارا، هيءُ خط ڪنهن درد جي ماريل پنهنجي بي وفا دوست ڏي لکيو هو. ڇا لکيو هئائين، اهو ڪونہ ٻڌائيندس! ڀلا سئيٽ روپو، ٻڌائينم تہ ڪئينس پارڪ اسٽيشن تي تو مون ڏي ڏنو بہ نہ، ۽ وري ايترو جلد ڇو موٽي آئين؟“

سوئيٽيسٽ مارلين! مون کي هڪ دوست کي هيءُ سامان پهچائڻو هو، ڇاڪاڻ تہ هو منهنجي وطن سنڌ ڏي وڃڻ وارو هو. هو هاءِ بارنيٽ طرف رهندو آهي. هن جو مون سان انجام هو تہ مون سان بيڪر اسٽريٽ تي ملندو ۽ پوءِ هن سان گڏ مون کي وڪٽوريا اسٽيشن تي وڃڻو هو، جتان ڪراچيءَ لاءِ B.O.A.C آفيس مان ٽڪيٽ وٺڻي هئي. مون سچ تہ توکي ڪونہ ڏٺو. هو دوست مون کي بيڪر اسٽريٽ تي مليو ۽ ٻڌايائين تہ ڪجھہ وقت لاءِ هن سنڌ وڃڻ مهمل ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پوءِ مان موٽندڙ گاڏيءَ ۾ موٽي اچي هت پهتو آهيان. ڊيئر، مون کي ڏک آهي، جو مون توکي هيڏي تڪليف ڏني آهي!“ روپي وراڻيو.

”ڇڱو پيارا! ڇڱو ٿيو، نہ تہ منهنجو حال اڄ الائي ڪهڙو

چيڪي آهي، جو ٿوريءَ محنت سان هزارن ڪلوميٽرن جا ڊگها ۽ هڪ ڪلوميٽر موڪرا رستا ٺهيو وڃن. چندرتا جي سموري زمين چوڪڙين ۾ ورهايل آهي، ۽ چوڪڙين جي چئن ئي طرفن کان موڪرا رستا آهن. هتي آمدرفت لاءِ ريلون ۽ ريل گاڏيون ڪونه آهن. رڳو ڊگهيون موٽرن واريون گاڏيون آهن، جيڪي ڪشاديون ۽ موڪريون آهن ۽ اندر انهن ۾ عاليشان ڪمرا آهن، جن ۾ هر ڪنهن قسم جي سهوليت آهي ۽ انهن جي پنهي ٻاهرين طرفن کان ڪاريڊار آهن. منجهن اندر ٻاهر ڳاڙها غاليچا وڇايل آهن. هڪ هڪ گاڏيءَ ۾ اهڙا ٽي ڪمرا آهن، ٽائليٽ آهي، ڊرائينگ روم آهي. کاڌو پڪل ريفريجريٽن ۾ بند موجود آهي. هڪ هڪ ڪمري جي اندر چار سيٽون ٿين. ائين هر گاڏيءَ ۾ رڳو ١٢ مسافر ۽ هڪ ڊرائيور ۽ هڪ مئنيجر سوار ٿي سگهن ٿا. رستا هڪ ڪلوميٽر موڪرا آهن. انهن جي اندر ڪارن پٽن سان حدون مقرر ڪيون ويون آهن، جن تہ اٺ ڏهہ رستا گڏجي نڪرن ٿا. انهن اٺن يا ڏهن رستن مان پنج يا چار اچڻ لاءِ پنج يا چار وڃڻ لاءِ. بس، رستن تان اهڙيون سوين گاڏيون هروقت پيون اچن وڃن.

چندرتا ۾ هڪ تمام مشهور ۽ وڏي تعليم گاهہ يعني يونيورسٽي آهي. اها شانتيڪو محلي ۾ آهي. اها ايراضي جڻ تہ چندرتا شهر جي دل آهي. شانتيڪو محلي جي چوڌاري وڏا رستا آهن، ۽ انهن کان پوءِ هڪ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي وڏيون هوٽلون آهن، جت سمورين پين ولايتن جا ماڻهو اچيو رهن. مسافر سڀني کي هڪ ديلي آڪسيجن جي پيدا ڪرڻ واري آهي، جنهن اندر اهڙين ڪيميڪل شين جو جوڙ آهي، جو پاڻمرادو آڪسيجن پيدا ٿيندي رهي. ديلي نليءَ جي رستي نڪ ۾ پيوند ڪئي ٿي وڃي، جڻ تہ سڀني انسان جي نڪ تي هڪ سينگاريل سوني منڊي لڳي پيئي آهي! زالون توڙي مرد هنن سونين ملين لڳائڻ سان ڏاڍا سهڻا پيا لڳن. عشق جو چرچو هت گهٽو گهٽ آهي. باقي عقل ۽ علم جي هت بادشاهي آهي. مگر ڪڏهن ڪڏهن عشق جي بجليءَ جو هتي بہ چمڪات ٿيو پوي. حسن دل تي ضرور

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اتفاق سان ڪنهن به مهمان يا شهريءَ کي ڪو مشڪل پيش ٿو اچي، ته ان جي اهو رضاڪار مدد پيو ڪري.

هتي رات ۽ ڏينهن ته چڻ لاڳيتا ٿين ٿا، انهيءَ ڪري هتان جي ماڻهن جون رسمون، رواج، اٿڻ ويهڻ، سمهڻ، کائڻ پيئڻ، ڪم ڪرڻ، پڙهڻ پڙهائڻ جا پنهنجا طريقا ۽ وقت آهن.

چندرتا ۾ اصل پراڻي آبادي ڪانه هئي، پر ڏيڍ سئو سال هن کان اڳ، ڌرتا جا گهڻا ماڻهو هت پهچي ويا آهن. انهن کان پوءِ مارستا، وينستا، جپترتا ولايتن جا ماڻهو به هت پهچي ويا. هاڻي هتي سڀني کي پنهنجا ڌار ڌار پاڙا آهن. پر ڌرتا جي ماڻهن جي هت اڪثريت آهي. هنن جيڪي ڌرتا تان رسمون رواج هت پاڻ سان آندا هئا، تن جا نشان هنن وٽ اڃا موجود آهن. هنن هتي مسجدون، ديولون، مندر، مڙهيون ۽ ڪئين ٻيا عبادتگاهه ٺاهيا آهن. مگر اڳيان جيڪي ڌرتا وارا ويڇا ۽ تعصب سنجهن هئا، سي سڀ ختم ٿي چڪا آهن. هي سڀئي جنهن عبادتگاهه ۾ چاهين، اُن ۾ وڃن. مگر هاڻي هو ڪا بت پرستي، ۽ وڏي ڳالهه ته ڪا شخص پرستي، بلڪ خودپرستي به، ڪانه ڪن. سڀڪنهن جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي - جي وٽيس ته وڃي مسجد ۾ پنهنجي حقيقي رب جي قدرت تي ويچار ڪري، عبرت وٺي، سجدو ڪري، يا ديول، مندر ۽ مڙهيءَ ۾ منهن مونن ۾ وجهي، انهيءَ ڪائناتن جي مالڪ جي فڪر ۽ ذڪر ۾ گم ٿي ويهي رهي. صورتون، پوشاڪون، رهڻ سهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو طريقو سڀني جو اڄ لڳ ڀڳ هڪجهڙو ٿيجي ويل آهي. هتي اڄ انهن ماڻهن جي عزت آهي، جي عالم، سائنسدان، فيلسوف آهن، ۽ جي هن زماني کان اڳتي ڪجهه وڏي، ڏسي سگهن ٿا يا اهي ماڻهو جيڪي نيون نيون ايجادون ڪن ٿا.

اڄڪلهه هتي آدمشماريءَ جي واڌ خودبخود ڪن حدن اندر قابو آهي. جڏهن مشين ڪانه هئي، يا هنن ڌرتين تي، سورج ۽ سيارن ۾ جيڪي طاقتون موجود هيون، تن جي انسان کي خبر ڪانه

۳- هيءَ سارو سڀ سنسار ڏنم، ڪئين سئو صديون ڦي پار ڏنم،
آ ڪيڙو ڪو اقرار ڏنم، مون کي آٿي هت، ڪا ڳالهه ڪيٿي!...

”صدر ۽ سڄڻو! توهين اڄ هت گڏ ٿيا آهيو! دنيائن جي سڀني
جڳهن تان توهين قرب سندا پير ڀري، ڪجهه ٻڌڻ ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ
آيا آهيو. ڪجهه ڏيڻ ڪجهه وٺڻ آيا آهيو. ڀلي آيا، جيءَ آيا!

”توهين سڀ، توهان مان هرهڪ، تون ۽ مان سڀ خيال

آهيون. هڪ بي انت درياهه آهي. وڃي وڌندو. وڃي چڙهندو. جيڪي
ڏسون ٿا، سمجهون ٿا، ٻڌون ٿا، سڀ خيال آهي. زمينون، آسمان، سج
تارا، چنڊ سيارا، سمنڊ، ڪنڌ، جبل نديون، وڻ ٽڻ، گل ٻوٽا، جانور
انسان، سڀ خيال جا نشان آهن. سموريون ڪائناتون ۽ ٻيا ڪمال ۽
جمال، قدرت اندر سمايل سائنسون، ڪٿون خيال جا خلقيل آهن. تمام
گهڻو ڪجهه ٿي ويو، ٿيندو رهي ٿو ۽ ٿيندو رهندو. جيڪي هو، آهي
۽ ٿيندو، اهو سڀ هڪ درياهه آهي، وهندو پيو هلي، چڙهندو پيو
هلي، اڏامندو پيو هلي. انسان هن درياهه ۾ روشنائي آهي. انسان
اڪيون آهن درياهه جون ۽ درياهه ۾. انهيءَ ڪري خيال جو درياهه
هڪ چاڻ، سوچ ۽ سمجهه آهي، وهندو هلي، چڙهندو هلي، اڏامندو
هلي. انسانُ انهيءَ درياهه مان ۽ درياهه ۾ هڪ جهاتي آهي. هيءَ
سچي ارتقا آهي. انسان خود ارتقا جو نتيجو آهي. مگر انسان خود
چئڻ کان سرڻ تائين، هڪ ارتقا جو ننڍو دور آهي، سفر آهي. ڪو
انسان چڙهيو اڏامندو وڃي، ڪو انسان ڪرندو مرندو وڃي! جيڪو هن
هڏ ۽ چمڙي، رت ۽ پت مان پار پئجي، مٿي ٿيي نهاري سگهي، ڏسي
سگهي، پائي سگهي، اهو هڪ چمڪ ٿيي اڏامبو وڃي. ٻيو هن رت
پت ۾ غرق ٿيي، رڪ ٿيي سڙندو، خاڪ ٿيي مرندو وڃي. هڪ ديوار
آهي: عيش عشرت، هڏ چمڙي ۽ رت پت جي، ظاهر ۾ راحت آهي، پر
حقيقتاً جڏهن جنهن انسان لاءِ زندگيءَ جي اِها منزل ٿئي، مقصد ٿئي،
ته پوءِ اِها راحت نه پر باهه ٿيي. اِها هن کي ارتقا جي منزل کان
هٽائي ٿي ڇڏي، ڏسڻ واريون اکيون انڌيون ڪري ٿي ڇڏي. بس پوءِ هُن

ڪيا، ۽ آخر اڳتي وڌي، پاڻ ۾ هڪ خالق جي هئڻ جو ايمان پيدا ڪيو. مگر تڏهن به انسانُ وريو وريو وڃي ٿيا هيٺ ڪريو. اهي انسان، جن انسان ذات کي هوشيار ڪرڻ تي گهريو، جن هڪڙي ۽ صرف هڪڙي معبود جي پرستش ڏانهن سڏيو، انهن انهيءَ انسان کي هنن جي هدايتن ۽ نصيحتن جي ابتڙ معبود بڻايو ۽ اهي هنن جا خدائون ٿي پيا. جڏهن آهي پلارا انسان، جن انسان کي جيهل جي اوڙاهہ مان ڪيڻ تي گهريو، آهي خود انسانن پنهنجي لاءِ خدائون بڻايا. جڏهن جدا جدا معبود ٿيا، ته انسان ذات تفرقي بازيءَ ۾ اچي ويئي ۽ اڳتي وڌي، ڪارن، اڇن، پيلن رنگن جا متڀيد پيدا ٿيا. وري موسمن ۽ نقشن، زبانن، ثقافتن جي ڪري جدا جدا قومون ٿيون، ملڪ ٿيا. هيءَ به خود ارتقا جي هڪ منزل هئي. انهيءَ ڪري ماڻهن ۾ وڏيڪ ڪشمڪش پيدا ٿي، مقابلي ڪرڻ جي قوت پيدا ٿي، مرڻ مارڻ لاءِ اوزار ٺاهيا ويا، مذهبن کي غلط رنگ ڏنئي، پنهنجي ڪمزور ذهن جي معرفت اجاين وسوسن ۾ ماڻهو ڦاسي پيا. قبرن، وڻن، جنن، ٻتن جي پوڄا ۾ مبتلا ٿي ويا. مگر جيئن جيئن سائنس پنهنجي اوج ۾ آئي، پوءِ اهي ڳالهيون، جن تي ايمان آڻو هو، انهن مان جيڪي غلط هيون، سي پراڻن ٻتن وانگر ڪيري ختم ٿي ويون، ۽ جيڪي صحيح ۽ حقيقتن تي مبني هيون، انهن ايمان جي بدران يقين جي صورت اختيار ڪئي. هيءُ طوفان، جنهن ۾ ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ تمام گهڻو زور ورتو، ۽ هڪڙن انسانن ٻين انسانن جي عقيدن ۽ ايماني نظرين جو فائدو وٺي، پاڻ کي طاقت ۾ رکڻ لاءِ ٻين تي حڪومت ڪرڻ، ٻين کي ڦرڻ ۽ لٽڻ لاءِ، پيريءَ مريديءَ جا، برهمڻ اڇوتن جا روپ رکي، پادرين عوام جي نجات دهندن جي صورت ۾، بادشاهن ٻين کي رعيت بڻائڻ جي روپن ۾، دوزخ کان بچائڻ ۽ جنت جي حورن جي آسرن ۾، انسان ذات تي ڌاڙا هنيا - اهي سڀ هاڃا هنن لٽيرن جي تاريخي ڪتابن ۾ محفوظ آهن، عمارتن ۽ عجائبخانن ۾ ٻين ٻين صورتن ۾ قائم آهن. اهي پڙهو ۽ عبرت وٺو ته اڄ کان اڳ توهان جا وڏا ڪيڏين جهنن

۽ جفاڪشن ڀان قافلو ڪاهي، اڇي هت پهتا آهن، يعني هيءَ صورت، هيءَ ترقي، هيءَ ارتقا جي منزل قدرت ۽ انسان جي وڏين قربانين کان پوءِ حاصل ٿي آهي. اڄ اسان وٽ نه قبر آهي، نه پادري آهي، نه مورت آهي، نه بت آهي، نه ديوتا آهي نه ديوي آهي، نه ملا آهي نه مولوي، نه پير آهي نه مريد آهي. اڄ انسان انسان جي غلاميءَ کان آزاد آهي. اڄ سائنسي دور پنهنجي ڪمال کي پهچي چڪو آهي. جي اڪ سيارا هئا ۽ سون، هزارن ورهين جي اڏامڻ کان پوءِ به انهن تي پهچڻ، ۽ اڄ جيڪي هت سڀني هنڌان اچي گڏ ٿيا آهيون، تن تي رسڻ، تن کي ڏسڻ، هڪ ناشدني ڳالهه هئي. اڄ اسين سڀ هڪ ڪٽنب جا ماڻهو آهيون. اڄ اسين ڪلاڪن ۾ ڪٿان ڪٿان وڃي ڪٿي ڪٿي ڪنا ٿا ٿيون. مگر اڃا به ڪٿي ڪٿي، ڪن ڪن ڪنڊن تي جهل جون جهلڪون آهن. انهن سڀني اونداهين کي پري ڪري، انهن کي به روشنائيءَ ۾ آڻڻو آهي. اچو! ۽ اٿو!! ته ارتقا جي نئين دور لاءِ تياري ڪيون!

”هيءُ سفر آهي، ۽ اسان کان اڳ، اسان جي وقت ۽ اسان کان پوءِ هلندو رهي ٿو ۽ هلندو رهندو. اسين سڀ مسافر آهيون. هي مڪان، هي ميخانا، هي مڪتب، هي محفلون، صرف اسان جي لاءِ نه آهن. اسين جڏهن پنهنجي مسافري پوري ڪنداسين، تڏهن هي جي اسان جي پوئتان ننڍڙا ٻچڙا آهن، آهي وڏا ٿي، هنن گهرن، هنن مڪتبن، هنن هالن ۾ مسافر ٿي ايندا ۽ سفر پورو ڪندا. انهن کان پوءِ انهن جا ننڍا ايندا. مطلب ته هيءَ گاڏي هلندي رهندي. ڪي لهندا، ڪي چڙهندا. انهيءَ ڪري جيڪي مسافريءَ ۾ آهن، تن جو فرض آهي ته هن مسافرخاني کي يعني سڀني دنيائن کي، سڄي معاشري کي بت پرستيءَ ۽ باطل پرستيءَ، شخص پرستيءَ ۽ خود پرستيءَ کان پري ٿي، ايڏو اوجل ۽ صاف رکن، انهن کي ايڏي ترقي ڏين، جو جيڪي نوان مسافر اچن، ته انهن کي تڪليف نه ٿئي ۽ انهن کي هن ساگر جي ترڻ لاءِ يعني پنهنجي هن زندگيءَ جي معجزي کي

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عمر چگي وڏي اٿم. ايڪيهين صديءَ جا مفڪر ۽ سائنسدان، جن جو سڏو لاڳاپو ويهينءَ صديءَ جي ماڻهن سان هو، تن کي ڏٺم، تن وٽ پڙهيس. سڄي ٻاويهين صدي، جا ارتقا سان اجاگر هئي ۽ جنهن ۾ وڏو انقلاب اچي ويو، آن ۾ اسين انسان، سيني سيارن تي رهندڙ، تمام ويجهو ٿي وياسين. سائنس ڪيڏي نه ترقي ڪئي! سائنس جي معرفت دنيائن ۾ چا چا نه ٿيو! مطلب ته هن صديءَ ۾ وڏي ۾ وڏو انقلاب اچي ويو. سيني پراڻن تخيلن ڦري نئين صورت اختيار ڪئي آهي. نهايت خوش نصيب آهيان، جو مون هيءُ پنهنجي اکين سان سڀڪجهه ڏٺو. منهنجي دل ۾ ننڍي هوندي کان هڪ تڙپ هئي، هڪ آج هئي، ڪو عشق هو، ڪا محبت هئي. بس گهر مان نڪري وڃي ساون گاهن ۾، جهنگلن ۾ ويهندو هوس. سمورو وقت اِها جستجو رهندي هئي ته هيءَ زمين ڇو، آسمان ڇو، گل ڦل ڇو، قدرت جو حسن ۽ ان جو مون تي ۽ انسان تي اثر ڇو؟ انسان خود ڇو؟ منزل ڪهڙي، رفتار ڪهڙي، ڪاڏي ۽ ڪٿان ڏي؟ هيءَ مسافري ڇو؟ وري جو مذهب، فلاسفيءَ، سائنس ۽ تاريخ کي پڙهيم، قدرت کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪيم ۽ هيڏن وڏن سوالن جي جواب جي جستجو ۾ رهيس - هي سڀ ڇا آهي، هن جي پوئتان ڇا آهي ۽ ڇو آهي - بس سڄي عمر ڇو! ڇو! ۾ گذري ويئي. پر جڏهن جستجوءَ جي تمنا دل ۾ پيدا ٿي ۽ جڏهن سوچڻ ۽ سمجهڻ ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪيم، تڏهن دنيا جا مزا، زندگيءَ جون عيش عشرتون سڀ وسري ويون، ۽ جيئن جيئن عيش عشرت جي رچ مون کان پري ٿيندي ويئي، تيئن تيئن منهنجي دل روشن ٿيڻ لڳي. دماغ تيز ٿيڻ لڳو.

”ڪئين واتون آهن، ڪئين فڪر آهن، ڪئين اکيون آهن. سڀڪو سڀڪجهه پنهنجي ذهن، عقل ۽ ترقيءَ مطابق پيو سمجهي. مان هڪ ادني انسان آهيان، منهنجو فڪر ۽ منهنجي نظر محدود آهن. ڪيترا ئي مون کان وڌ ماڻهو ذڪر ۽ فڪر ۾ اج به محو آهن. ڪئين هن کان پوءِ ايندا، جن جي نظر ۽ فهم منهنجي نظر ۽ فهم کان

وڏيڪ پنڌ ڪرڻو آهي، ۽ تي سگهي ٿو ته هزار ٻن هزارن سالن کان پوءِ خود سائنس اِن ۾ انسان ذات جي وڏيڪ رهبري ڪري.

”سڄڻو! مذهب، فلاسفي ۽ سائنس هي ٽيئي رستا صرف انسان جي لاءِ ڪليل آهن ۽ ٽيئي هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. مذهب زندگيءَ ۾ صحيح قدرن جو، صحيح عملن جو خاڪو، نقشو يا ساڀو آهي. مذهب رستو ضرور ٿي سگهي ٿو پر منزل هرگز نه آهي. منزل اجا ڪجهه ٻي آهي. فلاسفي پڻ هڪ خيال آهي، جو هن قدرت جي ماندياڻ ۾ وڃيو ٽٻي ڏئي ۽ ڪجهه نه ڪجهه ڳولي ڪڍيو اچي. پر فلاسفيءَ کان وڏيڪ نوس ۽ سچو علم آهي سائنس. هي هزار ورهين جنهن جو اڌ گذري چڪو ۽ اڌ اجا اچڻو آهي - هيءَ آهي آچل سائنسي انقلاب جي بادشاهيءَ جي.

”اهي ماڻهو، اهي قومون، جن عيش ۽ عياشيءَ ۾ پنهنجو وقت گذاريو، اهي ماڻهو هن صحيح روشنائيءَ کان محروم رهجيو وڃن. عيش عشرت گناهه آهي يا پيو ڪجهه، ان لاءِ مذهب ته اڳ ۾ ئي صفائي ڪري ڇڏي آهي. مذهب ايمان تي ٻڌل آهي. فلاسفي ايمان ۽ عقل سان وابسته آهي. سائنس انهن ٻنهي کان اڳتي علم، عقل ۽ يقين سان ڀرپور آهي. منطقي خيال کان جيڪڏهن سوچي ڏسبو، ته عيش انسان کي اجائي خرچ ۾ وجهيو ڇڏي، جنهن جي ڪري دولت، يعني انسان جي محنت، جو فضول خرچ ٿيو وڃي، جنهن جو نتيجو انسان جي فائدي جي بدران انسان جو ذاتي نقصان ـ دولت کان سواءِ، وقت جو، تندرستيءَ جو، ٻچن ۽ دوستن جي اخلاق جو تباهه ٿيڻ، وغيره. انهيءَ ڪري عيش عشرت جو خود هڪ مرض آهي، جو شخصي ۽ قومي طرح انسانن ۽ قومن کي تباهه ڪيو ڇڏي.

”مذهب سان يا فلاسفيءَ سان تعلق رکندڙ مفڪر به وقت سر هوا جي جهوٽن جو شڪار ٿيو وڃن، مگر هڪ سائنسدان گهڻو ڪري هنن تباهه ڪارين کان دور ۽ بچيل رهي ٿو. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته سائنسدان نه فقط خيالي طرح سان مگر عملي طرح سان تجربن

وڏي سمنڊ ۾ ۽ ان جي روشنائيءَ ۾ روشن ٿي، گم ٿي ويو آهيان.

”تاهم سمجهان ٿو ته توهان جو ۽ منهنجو هن روپ ۾ ملڻ شايد هيءُ آخري آهي. بس اها دعا ڪري، موڪلايان ٿو ته شل سڄي انسانيت نور سان چمڪندي ۽ وڌندي رهي. آمين!“

هيءَ زندگي لکن ڪروڙن ورهين کان ائين وهي رهي آهي، جيئن ماٺي وهندڙ ندي هوريان وهندي، اچيو ماٺ ڪري، سمنڊ ۾ پوي. ورق ورندا اچن، ڪي ويندا وڃن، ٻيا ايندا اچن. الائي ڪهڙي وٿيَس ۽ ڪيئن هيءُ مانڊاڻ مچي ويو. سڄي قدرت، قدرت جو هر هڪ ذرو، هر هڪ پَن هڪُ عبرت جو سمنڊ آهي. ڪيترا ٻيون هنيو، عبرت ۾ قدرت اندر گم ٿيو وڃن. ڪيترا ٻاهرين چلڪن ۽ چمڪاٽن ۾ غرق ٿيو وڃن. ڪي پنهنجي پيٽ ڪي پرڻ ۾ مشغول ٿيو وڃن. ڪي اتي ئي ڪَهندا، پيٽ ڪُٽيندا گم ٿيو وڃن. ٻيا سورن پورن ۾ پچيو پاهه ٿيو وڃن، ٻيا درد فراق ۾ فنا ٿيو وڃن ۽ ٻيا ذڪر فڪر ۾ نور ٿي چمڪندا رهن. بس هڪ طوفان آهي، لڳندو هلي، هلندو هلي.

اڄ هيءَ ڪچهري چندرتا ۾ پوري ٿي. سڀڪو فڪر ۾ غرق آهي. پروفيسر امين، ڊاڪٽر مارٽن، ڊاڪٽر ڪرئنڪو پنهنجي وقت جا غوث آهن. سندن گفتگو، سندن خيال، سندن محبت افضل آهي. ٻيا ڪئين مفڪر پڻ هت آيل هئا. انهن جي ڪچهري ۽ صحبت وري ڪنهن ٻيءَ محفل ۾ ٿيندي. اهڙيءَ طرح چندرتا جي هوائي اڏي تي ٽن هزارن جي انداز ۾ مسافر اچي چڪا آهن. هت آڪسيجن جي هر وقت گهرج آهي، ان ڪري پڻ هو پنهنجي پنهنجي ولايتن ڏي وڃڻ گهرن ٿا، قدرت جتي آڪسيجن هوا ۾ محفوظ ڪري ڇڏي آهي. بس، ڪئين طرحن طرحن جا هوائي جهاز آهن ۽ قسمن قسمن جا ماڻهو آهن، جن جون پنهنجون پنهنجون زبانون آهن. هي سڀ پنهنجي پنهنجي وطن ڏانهن روانا ٿي وڃن ٿا. هيءُ هال، هي مڙهيون ۽ هي اڏا اڄ خالي نظر اچن ٿا ـ ائين ٿيو، جڻ اوطاقن ۾ طالب تنواري تنواري، پنهنجي پنهنجي ماڳ ڏي موٽي ويا.

پڇندي ٿي اچي، مگر در تي ئي نعمت ڪري ٿي پوي . گنگا ماءُ کي سڏ ٿي ڪري ۽ ٻيئي ڪيس پاڻي وجهن ٿيون. آهستي آهستي ڪري، نعمت کي اندر گهر وٺي وڃن ٿيون. نعمت بيهوش ٿي وڃي ٿي. ايتري ۾ سومر به اچي حاضر ٿئي ٿو.

”گنگا! ڀيڻ، هي ڇاهي؟ نعمت کي هي زخم ڇا جا، نعمت بيهوش ڇو؟ اڄ ته سندس گهر ۾ ڪوئي ڪونه هو. ڀيڻ، هي ڇا ڏسي رهيو آهيان؟“ سومر پڪاري ٿو.

آخر نعمت هوش ۾ اچي ٿي. آهستي آهستي ڳالهائي، ڪين سڄيءَ حقيقت کان واقف ڪري ٿي. گنگا کي ۽ سندس ماءُ کي رگهوسل جي مارجي وڃڻ جي خبر پوي ٿي. اهي ٻيئي هيٺ رڙيون ڪري ڪري پون ٿيون. پلا ڪيرن به ڇو نه! هنن جا ته سڀ چاڙون ماڻهو، مائٽ مٽ اڳي ئي مرزاپور ڇڏي ويا آهن ... باقي هو رگهو ۽ گلڻ فقير.

سومر همت نٿو هاري. تنهي عورتن کي سنڀالي ٿو. ڪين پاڻي ڏئي ٿو. ٿورو گهڻو تنهي عورتن کي آسرو ٿئي ٿو. نعمت جو نينهن ته سومر سان نروار ٿي چڪو هو. انهيءَ کي سومر جي هٿڻ مان، سومر کي ڏسڻ سان ڪجهه ساهه پوي ٿو.

علڻ خان ۽ چتل شاهه، تن ٿوري وقت کان پوءِ جنازن جي جاچ ڪرڻ شروع ڪئي آهي؛ مگر نعمت ته شايد ڪنهن طرح بچي نڪتي آهي! هنن کي ته نعمت گهربل هئي؛ باقي جمن شاهه واري زال، ان جي ڌيئڙي ۽ ننڍڙو ٻچڙو، اهي ته ٽيئي خير سان موت جو شڪار ٿي چڪا هئا. چتل شاهه جي لاءِ ته سڀ ماڻهو معاف ٿي چڪا هئا. باقي گنگا ۽ نعمت لاءِ گهٽي تلاش هئي. ٻنهي پنهنجا دوزخي نوڪر ۽ چور ڇڏيا آهن ته نعمت ۽ گنگا کي ڪٽان به ڳولي سندن اڳيان انهن کي پيش ڪيو وڃي.

سومر ته هنن چنڊالن کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو، تنهن پنهنجي گهران برقعا آڻي، تنهي عورتن کي پاتا آهن، ۽ انهيءَ ئي مهل هو تنهي کي بس ۾ چاڙهي، حيدرآباد روانو ڪري ڇڏي ٿو.

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ماڻھن وانگر ڪوپ مان چانھہ لاھي، سامر ۾ وجھي، ٿوڪون ڏيئي، چانھہ ٺاري، پيئي چسڪيون ڀري. ڪئنٽين ۾ ويٺل انگريز مرد زالون ھن ڏانھن نھاري رھيا آھن. ڪلھي به رھيا آھن. مارلين به مشڪي ٿي. ويچاري سندري سنڌ جي ڀھراڙيءَ جي ڇوڪري ۽ ھيءَ نئين دنيا، ۽ اھو به لنڊن جو شھر! عجيب تماشو بنجي پيو آھي. روپو ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ چانھہ پوري ڪري، مارلين ڪي جھٽ ۾ اٿاري ٿو. ٽيئي ٻاھر اچن ٿا. لفٽ تان لھي، مارلين پنھنجيءَ ڪار تي پھچي ڪي چاڙھي، موٽر چالو ڪري ٿي. اڳيان مارلين ۽ روپو ويھن ٿا ۽ پوئينءَ سيٽ تي سندريءَ کي ويھارين ٿا.

ھاڻي موٽر ھلڻ شروع ڪيو آھي. ٻنھي طرفن کان ٻه ٻه رستا آھن. موٽرن جون قطارون ھڪ ٻاسي کان اچي رھيون آھن ۽ ٻئي ٻاسي وڃي رھيون آھن. ويچاري سندري ته حيران آھي. مارلين موٽر واري سامھين درسنيءَ ۾ ھيءُ سڄو رنگ ڏسي رھي آھي. ڪڏھن ڪڏھن موٽر ڪا اچي ڪراس ڪري ٿي، ته سندري ڏڪي ٿي وڃي. وري ڪٿي ساڙھيءَ جو پلئه وات ۾ ٿي وجھي. مارلين کي مزو ٿو اچي. ھوءَ به ڪار کي ڏاڍو تيز ٿي ھلائي. جيئن موٽر تيز ٿي ھلي، تيئن خوف جا نشان سندريءَ جي منھن تي ظاھر ٿين ٿا. آخر ويچاري ڏڃي، روپي کي ٻوٺتان پڪڙي، چوي ٿي –

”ڀائو! مان ته مري ويندس. مون کي الائي ڇا ٿو ٿئي! موٽر ھوريان ھلايو. منھنجا زخم به چڪن ٿا!!“

”ڊيئر مارلين! منھنجي ڀيڻ موٽر جو ھيترو تيز ھلائڻ سھي نٿي سگھي. ٿوري رفتار ڪم ڪريو.“

”ضرور، روپا ڊيئرا“ سندريءَ ڏي ڏسي، زور سان کلي ٿي.

آخر اچي ڪئنينس پارڪ گھٽيءَ ۾ پھتا آھن. ١٦٧ نمبر گھر به اچي ويو. موٽر بيھي ٿي: ٽيئي لھن ٿا. يڪدم سندريءَ کي پرواريءَ اسپتال مان ڀتي ڪرائي، اچي گھر جي اڳيان بيھن ٿا.

روپو اچ ٻن ھفتن کان به مٿي وقت سنڌ ۾ گذاري، لنڊن

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چا، روپو سنڌ ڇڏي ويندو! ٻيٺي ڳرانڙي ٻائي، موڪلائين ٿا.

روپو ٽڪر ۾ پنهنجو سامان ٺاهي، هوائي اڏي تي وڃي رهيو آهي. ڪهڙا ڪهڙا خيال، ڪهڙيون ڪهڙيون ڳڻتيون، سندس اکين اڳيان ڦري رهيون آهن! ڪجهه خوشيون، ڪجهه غم. ڪڏهن اکين ۾ پاڻي آهي ته ڪڏهن منهن تي مرڪ. بس، جهڙيون ياد ڳيريون اهڙي تصوير.
اڄ دنيا ته گهڻي ڳڌجي ويئي آهي، پر يورپ ۾ علم، اخلاق، تهذيب، شرم اڃا ڪجهه آهي ۽ هُنن وٽ روزانو ترقي تي رهي آهي. پر ايشيا ۾ ۽ سنڌ ۾، ڏينهون ڏينهن، انڌارو، ظلم، جهل وڌندو رهي ٿو. انساني قدر گهٽ ٿي رهيا آهن. هيءَ ظلم جي زمين آهي. روپو ڏاڍو پريشان آهي. نؤجوان آهي. وري مارئين جي ياد. ’سومر جي آزاد ٿيڻ جو پڌي، سندريءَ کي ڪا خوشي ٿيندي!‘ اهي خيال البت هن جي غمن جو بار هلڪو ڪن ٿا. پر روپو هڪ جوان آهي، علم ۽ عقل وارو آهي، سوچي ٿو ـ هيءَ دنيا سنڌ واري ڪاڏي وڃي رهي آهي!
هن جي دل ڏاڍي اونَ ۾ ورتل آهي ـ هاڻ ته مرڳوئي وطن سنڌ ڇڏڻو پوندو! موٽر ۾ چڙهيل آهي. اخبار هٿ ۾ اٿس ـ اڄ آن ۾ انگلنڊ جي وزير اعظم جي آمريڪا جي صدر سان ملاقات جو بيان آهي، هنن جون تقريرون آهن، دنيا ۾ شخصي حقن ۽ شخصي آزاديءَ جا مضمون آهن، دنيا جي بک ۽ بيماريءَ جون ڳالهيون آهن. انگلنڊ جي وڏي وزير تقرير ڪئي آهي ته يورپ جا ملڪن يا آمريڪا جا، انساني برادريءَ ۽ انساني همدرديءَ کان الڳ ٿي، ۽ ٻين ملڪن کان ٻاهر ٿي، پنهنجي دنيا ٺاهي نه ٿا سگهن؛ جيستائين ٻين هنڌ ڏک سور آهي؛ تيستائين يورپ ۽ آمريڪا به حقيقي خوشي ماڻي نه ٿا سگهن. آمريڪا جي صدر تقرير ڪئي آهي ته جتي به انساني سوچ ۽ شخصي آزاديءَ تي ڪڙا لڳندا، ته انهن کي پٽڻ جي ڪوشش جاري رهندي. روپو هي تقريرون پڙهي، عجب ۾ پئجي ٿو وڃي ۽ خوش به ٿئي ٿو. ياد ڪري ٿو ته خط لکي ۽ تارون ته ڪري ڇڏيون اٿائين ته هو ڪهڙيءَ فلائيٽ ۾ لنڊن پهچندو. سنڌ ۾ اها به خبر پيئي اٿس ته

جن جا ليڊر بہ آهن، پر هنن جي چٽاڀيٽي فائدي ۽ خدمت جي ڪمن ۾ آهي، ڇو تہ ذاتي يا گروهي فائدي جو دائرو وسيع ٿي، سڄيءَ ولايت بلڪ سڄي جڳ جهان جي فائدي ڪي والاري ويو آهي.

ووٽ ڏيڻ جو طريقو بہ ٻدلجي چڪو آهي. جلسا جلوس ڪونہ ٿين ۽ نہ وري ماڻهن کي ووٽ ڏيڻ لاءِ ڪٿي وڃڻو پوي. مئڪرو پروسيس ۽ مئڪروڪامپيوٽرس ۽ ٻيا اوزار ٺاهيا ويا آهن. فون ۽ اليڪٽرسٽي تہ سڀني گهر ۾ آهن. ووٽنگ وارڊ ٺاهيا ويا آهن. هڪ ووٽنگ وارڊ هڪ هزار گهر جي واسطي آهي. اهڙيءَ طرح سان هڪ هڪ عيوضيءَ جي چونڊ هزار وارڊن ۾ ڪرائڻي آهي. هڪ هڪ انسپيڪٽر ڪي اهو وارڊ جو چارٽ ساڻ آهي. سڀني گهر ۾ ووٽنگ بورڊ در تي رکجي ٿو. ووٽنگ بورڊ تي جيترا اميدوار اوترا پلگ آهن. سڀڪو ووٽر در تي اچي، پنهنجي پنهنجي پسند موجب، پلگ ڪيڏي، ۽ انهيءَ وقت، اهو اثر وارڊ واري ڪامپيوٽر تي پوي، ۽ اهڙيءَ طرح هر ڪنهن اميدوار جا ووٽ داخل ٿيندا وڃن، ۽ انڊيڪس تي ووٽن جي ڳڻپ يعني جوڙ بہ ٿيندو وڃي. اهي مشينون هڪ ڪمري ۾ ڪنجيءَ ڪلف هيٺ هونديون آهن. وارڊن واريون مشينون پنهنجي ووٽن جو انداز، مرڪزي آفيس ۾ رڪارڊ ڪرائينديون رهن ٿيون. اهو سڄو ووٽن جي وٺڻ ۽ رڪارڊنگ جو ڪم تمام مخفي ۽ باٺمرادو ٿيندو ٿو رهي.

اڄ شام جو اليڪٽرانڪ مشين جي رستي اشتهار سڀني گهرن ۾ پهچي وڃن ٿا. اڄ ڏرتا جون چونڊون خيرخوبيءَ سان ٿي ويون – مرڪز، علائقن، ڀاڙن ۽ ويڙهن جون – هر هنڌ اهڙا اعلان پڙ ٿي رهيا آهن.

هي ٻيو ڏينهن آهي. ڏرتا جو وزير اعظم مسٽر آئني ٽروپي چونڊيو ويو آهي ۽ هُن پنهنجا وزير بہ سڀني ڀاڙن ۽ ويڙهن مان مقرر ڪيا آهن. سنڌ ويڙهي جا ٻہ وزير ٿيا آهن: هڪڙو ميان سباجهو خان، جو اڳ جج هو، ۽ ٻيو ساڌو ماڱاهومل، جو اڳ لطيف ڪاليج جو پرنسپال هو، وزير ڪري کنيا ويا آهن. اهڙيءَ طرح سان هر ويڙهي ۽ هر ڀاڙي مان وزير کنيا ويا آهن. پوري هفتي کان پوءِ سڄي جهان

”پاڻو! پاڻو!! هيءُ ڇا هي؟“

”سنڌري! هيءُ ڪجهه نه آهي! بس، هاڻي اڪين ۾ پاڻي وري ڪونه ايندو!“

ٻئن ڪي هٿ هٽي ٿو. ويٽريس اچي ٿي.

”پليز! پاڻيءَ جو گلاس!“

پاڻي اچي ٿو. پاڻي وٺي پئي ٿو.

مفاصلو ۽ وقت هڪٻئي سان گڏ گذرندا وڃن ٿا. روپي حيدرآباد ۾ ڪنهن کي به اطلاع ڪونه ڏنو آهي. جهاز ڪراچيءَ جي اڏي تي لهي ٿو. ٽيئي لهي، ريسٽ روم ۾ اچن ٿا. سامان وٺي، ٻاهر حيدرآباد لاءِ سڌي ٽئڪسي پاڙي تي ڪن ٿا. سنڌري ۽ مارلين پوئينءَ سيٽ تي ويهن ٿيون ۽ روپو اڳينءَ سيٽ تي ويهي ٿو. موٽر هلي ٿي. روپو پنهنجي وطن جا وڻ ۽ وانهيرا، رستا ۽ راهون، گاهه ۽ گل ڦل، مارلين کي ڏيکاريندو هلي ٿو. ٻئي حسن جون تجليون آهن. ڊرائيور هر هر اڳينءَ درسنيءَ تي هي سهڻيون شڪليون ڏسيو ڏاڍو خوش ٿئي. هونئن هو سٺ ميل ڪلاڪ ڪان وڌيڪ ڀڄندو آهي، پر اڄ چاليهن ميلن ڪان گاڏي مٿي هلي ئي ڪانه ٿي. وري اهڙا گل ڪڏهن ڏسبا! اڏي تي لهڻ وقت سڀني مسافرن جون هنن تي نگاهون، هڪ سنڌ جو ۽ ٻيو لنڊن جو، تن ۾ ڪتل هيون. آخر موٽر اچي حيدرآباد پهتي آهي.

”هيرآباد ۾ هلڻو آهي!“ روپي چيو.

”هائو سائين! مان ته اڳ ئي سمجهيو آهي ته تو جهڙو سهڻو جوان هيرآباد جو ئي ٿي سگهي ٿو!“ ڊرائيور ورائيو.

بس، گاڏي اچي ساڌو رام گهٽيءَ جي ڪنڊ واري گهر تي بيٺي آهي.

روپي جا سڀ عزيز بمبئيءَ هليا ويا آهن. هيءُ گهر مسٽر هوتچند جي حوالي ڪري ويا آهن. اڌ مهينو اڳ روپي هوتچند کي ٻڌايو هو ته هو ٻن مهمانن سان گڏجي ايندو، تنهنڪري رهڻ ۽ کائڻ پيئڻ جو بندوبست ڪري ڇڏي. مارلين، انگلستان جي ٻين ڇوڪرين

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پدمنيءَ جو آواز ٻڌي، ۽ وري سندس اتي هجڻ جو ٻڌي، جوڏو، جو فراق ۾ نيڏال پيو هو ۽ وري جو دردناڪ کيل ڏنو هئائين، تنهن هٿي هن کي ڏاهي چڏيو هو -- هاڻ هن جي دل بهار ٿي ٿي.

اِجها پدمني اچي ويئي ... پدمني، جا هن کان پرهيز ڪندي هئي. هن اچڻ سان کٽي ٻڪ وڌس -

”هي ڇا! ماڻهو ته ڏس!“ جوڏي چيو.

”هو ڏنئه! پوڻن ٽن سَوُ سالن وارو قصو جڻ ته اَج جو قصو هو. نعمت ۽ سومر سوين سال اڳ وچي لنڊن پهتا. ڪٿي مٺا ۽ ڪيئن مٺا! وري روپو ۽ مارائين سنڌ ڇڏي، هندستان پهتا. ڪٿي مٺا ۽ ڪاڏي ويا! ڪا خبر ڪانه آهي. پر پيارا جوڏا، تنهنجي ۽ منهنجي پريت پڪي آهي، جو اچ کان پوءِ مان تنهنجي ۽ تون منهنجو!“

”ڇا ٿي چوين پياري!“ جوڏي چيو.

”چريا، چوان ٿي ته مان تنهنجي پتني ۽ تون منهنجو پتي! هاڻي پيئي اسان هت پنهنجي سنڌ ويڙهي ۾ رهنداسين ۽ مرنداسين!“ پدمنيءَ چيو.

”ها پياري! هڪ جوڙو لنڊن اڳ هليو ويو ۽ ان سان گڏ پيو جوڙو هندستان ويو. پر منهنجي پياري، تنهنجو ۽ منهنجو جوڙو سڄيءَ سنڌ ۾ رهندو!“

# سنڌي لکو - سنڌي پڙهو - سنڌي ڳالهايو

## سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ ۾
## ڀاڱي ڀائيوار ٿيو

## سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جا ڪتاب
## ٻارن پڙهو ۽ ٻين کي پڙهايو

(١) **اڄ پڻ چڪيم چاڪ** - مرتب جي. ايم. سيد - ستر اديبن، عالمن ۽ سماجي خدمتگارن جي ٣٦٠ خطن جو مجموعو: سنڌ جي پنجاهه سالن جي سماجي تاريخ جو دلچسپ ۽ معلوماتي عڪس: ڊيمي سائيز جا ٥٠٦ صفحا، ٣٦ تصويرون، ٽه رنگو گرد پوش: قيمت ويهه رپيا.

(٢) **فڪر جي آزادي** - جرمن مصنف اسٽيفن زويگ جي هڪ اعليٰ ۽ عظيم ڪتاب جو ترجمو (مفصل پيش لفظ سان) از محمد ابراهيم جويو: ڊيمي سائيز جا ٦:-٢٦٧ صفحا، ٽن تصويرن سان، ٽه رنگو گرد پوش: قيمت پندرهن رپيا.

(٣) **استاد گليلو** - جرمن مصنف برٽالٽ بريخت جي جڳ مشهور ۽ اعليٰ ڊرامي جو ترجمو (مفصل پيش لفظ سان) از محمد ابراهيم جويو: ڊيمي سائيز جا ١٦ + ١٦٨ صفحا، ٽه رنگو گردپوش: قيمت ڏهه رپيا.

(٤) **ڪنول پاڙون پاتال ۾** - سنڌ جي ترقي پسند نوجوان شاعر ملڪ فتاح جي شعر جو مجموعو، شاعر جي پنهنجي پيش لفظ ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي مهاڳ سان: ڊيمي سائيز جا ٨ + ١٠٤ صفحا، ٽه رنگو ڪارڊ ڪور: قيمت چار رپيا.

(٥) **ڪپر ٿو ڪن ڪري** - سنڌ جي يگاني ۽ بي مثل شاعر شيخ اياز جي شعر جو مجموعو، سندس پنهنجي مفصل پيش لفظ سان: (ٻهريون ايڊيشن وڪجي ويو، ٽئي ايڊيشن لاءِ آرڊر داخل ڪرائي سگهجن ٿا.)

(٦) **سچ جا سنيها** - حضرت علي عليه السلام جي مقدس ۽ لافاني قولن جو ننڍو پر اعليٰ مجموعو: مترجم محبوب علي جوکيو: صفحا ١١٠ (ڪرائون سائيز) ٻه رنگي ڪور ڪارڊ سان: قيمت ٽي رپيا.

(٧) **وڪر سو وهاءُ** - حضرت علي عليه السلام جي لافاني عربي شعر جي ديوان مان منتخب شعرن جو ترجمو: از محبوب علي جوکيو: صفحا ١٢٤ (ڪرائون سائيز)، ٻه رنگو ڪور ڪارڊ: قيمت پنج رپيا.

https://books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جڻ جڻ ڄاڙ وڏي تي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٻارن کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاڪ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)